# علي عليه السلام اڪيلائي

ڊاڪٽر علي شريعتي

مُنور ٻُٽ



# علي عليہ السلام ۽ اڪيلائي

ڊاڪٽر علي شريعتي
اردو مترجم: اديب الهندي
سنڌيڪار: مُنوربُٺ

ڪتاب جو نالو: علي عليہ السلام ۽ اڪيلائي
ليکڪ: ڊاڪٽر علي شريعتي
اردو مترجم: اديب الهندي
سنڌيڪار: مُنور ٻُٽ (03343181387)
ڇاپو پهريون: 21 سيپٽمبر، 2018ع - 10 محرم، 1440ھ
ڇپائيندڙ: سيد نثار احمد شاھ (03319292577)
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

قيمت =/25

---

Ali Aleh assalam aen Akelaee
By Dr Ali Shareati
Translated from Urdu by: Munawar Butt
Published by: Syed Nisar Ahmed Shah
First Edition: September, 2018 A.D – Muharram 1440 Hijri.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

نوٽ: ڪوئي بہ مومن پاڻ هن ڪتاب ڪي ڇپرائڻ گهري تہ
ان ڪي اجازت آهي ڪمپوز ٿيل مواد مفت وٺڻ گهري تہ
03343181387 نمبر تي رابطو ڪري

# پنهنجي پاران

ڪجهہ وقت اڳ محترم خالد بروهي صاحب فون تي رابطو ڪري منهنجي طرفان ڊاڪٽر علي شريعتي جو ڪتاب "فاطمہ فاطمہ است" سنڌي ۾ "فاطمہ فاطمہ آهي" ترجمو ڪرڻ جي گهٽي ساراهہ ڪئي ۽ همت افزائي جا جملا ادا ڪرڻ فرمايا. ٻڌايائون تہ پاڻ سنڌ جي محسن ۽ برک اديب مرحوم رحيمداد مولائي شيدائي جا ڏوهٽا آهن ۽ سندن بہ سنڌي ادب سان گهڻو تعلق آهي. ان سان گڏ ڊاڪٽر علي شريعتي جي اردو ۾ آيل هڪ ڪتاب "عليؑ اور تنهائي" پڙهڻ جو مشورو ڏنائون. ڪتاب جي تلاش ڪئي تہ معلوم ٿيو تہ اها ڊاڪٽر علي شريعتي جي هڪڙي تقرير آهي جيڪا اردو ۾ ترجمو ڪري ڪتابڙي جي صورت ۾ ڇپرائي وئي آهي. بهرحال، ڪتابڙو ملي ويو ۽ پڙهڻ نصيب ٿيو.

ڊاڪٽر علي شريعتي جيئن تہ اها تقرير اهل تشيع حضرات جي گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ڪئي آهي، تنهنڪري سندس اهم مخاطب بہ اهل تشيع حضرات آهن. پر جملن کي جيڪڏهن اسان مان ڪوبہ مسلمان پاڻ ڏانهن منسوب ڪري تہ ان مان گهڻو سبق حاصل ڪري سگهجي ٿو. ڇوتہ حضرت علي عليہ السلام صرف اهل تشيع حضرات جا اڳواڻ ۽ آقا ڪونہ آهن، پر سيني مسلمانن جا اڳواڻ ۽ آقا آهن. (اها ہي ڳالهہ آهي تہ اڪثر سني حضرات ان آقا کي ٻين جي مقابلي ۾ ثانوي حيثيت ڏئي ڇڏي آهي. ڊاڪٽر علي شريعتي موجب بہ تہ اهل تشيع حضرات بہ ان جو اصل مقام ڪونہ سڃاتو آهي)

مون انهي اجتماعي سوچ ۽ مفاد پٽاندڙ تقرير واري ان ڪتابڙي جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي تہ جيئن اسان جا سنڌي مسلمان بہ ان مان سبق حاصل ڪن ۽ پنهنجي رهبر ۽ آقا جو صحيح مقام ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪن.

ڏٽي در دعا آهي تہ مانواري ڊاڪٽر علي شريعتي مرحوم جي محنت سان گڏ هن ڪتاب کي وقت جي گهرج مطابق سنڌي ۾ ترجمو ڪرڻ جي منهنجي بہ ڪوشش کي قبوليت جو شرف عطا فرمائي ۽ اسان سڀني سنڌي مسلمانن (اهل تشيع ۽ سني سڏائڻ وارا سڀ) کي بہ ڪجهہ پرائڻ ۽ پنهنجي عظيم رهبر کي سڃاڻڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين.

مُنور ٻُٽ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# مقدمو

مختلف حوالن سان شهرت رکڻ واري قومي شخصيت جناب مستطاب الحاج مولانا سيد محمدثقلين ڪاظمي زندگيءَ جي شروعات کان ئي پنهنجي طاقت آهر اسلامي تعليمات جي فروغ ۽ نشرواشاعت جي لاءِ ڪوششون ڪندو رهيو آهي ۽ علامہ حافظ سيد رياض حسين نجفي جي چوڻ مطابق

”هن عظيم ڪم جو ثواب (اجر) تہ ان کي الله تعاليٰ ۽ ان جون پاڪ نمائنده هستيون ئي ڏئي سگهن ٿيون. جن جي تعليمات ۽ عِلم جي نشرواشاعت جي لاءِ جناب ڪاظمي صاحب اَڻٿڪ تڪليفون برداشت ڪيون آهن.“

ڪاظمي صاحب همهگير شخصيت آهي ۽ ان جي ڪم جي باري ۾ پاءُ سيد اخترعباس نقوي لکي ٿو تہ ”وسيلن جي اڻهوند باوجود مسئلن سان مقابلو ڪيائين. پختي ارادي جي دولت ان کي اهو راز ٻڌايو تہ نيڪ نيتي ۽ سچائي سان سٺي عمل جي لاءِ سندرو ٻڌڻ انسان جو ڪم آهي، سبب پيدا ڪرڻ انسان جي خالق جي قدرت جو ڪرشمو آهي. ان جي وارن جي ڪاراڻ چاندي جهڙي اڇاڻ ۾ تبديل ٿي وئي مگر ڏُن جيئن جو تيئن رهي.“

مولانا ثقلين ڪاظمي صاحب جي ان ڏُن ان کي ڊاڪٽر علي شريعتي جي گهڻين لکڻين (تصانيف) مان ”علي تنها است“ جي ترجمي جي اشاعت طرف ڌيان ڇڪايو تہ جيئن علي شريعتي جي اصل، ڳوڙهن ۽ نفعو پهچائيندڙ فڪرن (افڪار) کان واقفيت حاصل ڪري فڪري ۽ عملي حرڪت ۽ ڪمال ڏانهن پرواز ڪري سگهجي.

جيئن تہ ايم فل اسلاميات ۾ منهنجو مقالو ”عِلم ڪلام جي نئين تشڪيل ۽ ڊاڪٽر علي شريعتي“ (علم کلام کی تشکیل جدید اور ڈاکٹر علی شریعتی) هيو، تنهنڪري مولانا صاحب مون کي اردو ترجمي ”علیؑ اور تنہائی“ جو مقدمو

لکڻ جي ذميواري ڏني. ان مطابق خادم جون گذارشات خدمت ۾ پيش آهن:

"عليؑ تنها است" ۾ علي شريعتي مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام بن ابوطالب رضي الله تعاليٰ عنہ جي زندگيءَ جي ان پهلو کي پڌرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جنهن طرف عام طور تي ڌيان ڪونہ ٿو ڏنو ويجي.

هن مقالي ۾ شريعتي صاحب ٻن ڳالهين تي زور ڏنو آهي.

1. معرفت جي اهميت (اهميتِ معرفت)
2. عدم معرفت جي ڪري علي عليہ السلام جي هن ڪائنات جي ميدان ۾ اڪيلائي.

شريعتي هن حقيقت کي پڌرو ڪري ٿوتہ ڪروڙين ماڻهن جون دليون علي عليہ السلام جي محبت ۾ رات ڏينهن تڙپن ٿيون ۽ امير عليہ السلام جي محبت ۾ لکيل ڪتابن، شعرن ۽ قصيدن کي جيڪڏهن گڏ ڪيو ويجي تہ هڪڙو عظيم ڪتاب گهر (لئبريري- ڪتاب خانہ) وجود ۾ اچي ويندو، مگر علي عليہ السلام جي شخصيت ڪهڙي هئي ۽ ان جي جامع ۽ اڪمل ذات کي ذهن ۾ تصور ڪرڻ جي باري ۾ شايد هڪڙو ڪتاب بہ ملي نہ سگهي. ان ڏکوئيندڙ صورتحال جي ذميوار قوم ۽ ملت ڪونهي پر قوم جا عالم فاضل ۽ دانشور آهن، جيڪي چون ٿا تہ ڳالهہ صحيح آهي مگر مصلحت جي خلاف آهي.

مولاءِ ڪائنات جي محبت تمام گهڻو ضروري آهي مگر ان جي محبت کان بہ وڌيڪ اهم ۽ قيمتي ڳالهہ ان جي ذات جي معرفت آهي، جيڪا هڪڙي ڪامل ۽ مطلق انسان، ساڙيندڙ اُس ۾ مشغول مزدور، گهري فڪر ۾ ٻڏل فلسفي، خالق ڪائنات جي تخليق ۾ محو پرواز عارف ڪامل، مسجد جي محراب ۾ سجدي ۾ سِر رکيون پيل بي مثال عابد، دنيا جي لذتن کان بي پرواهہ زاهد، لڙائي جي ميدان جو فقيدالمثال ويڙهو يتيمن ۽ بيواهن کي اونداهين ۽ ٿڌين راتين ۾ سامان مهيا ڪرڻ وارو مددگار، قوم ۽ ملت جي هدايت ۾ مصروف ڪامل رهنما، انسانيت جي اخلاق ۽ فضائل جي فيض جو چَشمو بي مثال مُرَس، افضل ترين ابو ۽ سيدالبطحا جي اوصاف جو مجموعو پُٽ رحمت للعالمين جو

نفس، مطلب تہ اهڙين جامع مختلف وصفن جو مالڪ ۽ ڪامل انسان هن دنيادار معاشري ۾ اڻ سڃاتل رهيو جنهن ذات جي نقش قدم تي هلي معاشرو ڪامياب سماج آزاد. ترقي يافتہ ۽ پرسڪون تهذيب وجود ۾ اچي سگهيا ٿي، دنيا وارا ان جي سڃاڻپ ۽ معرفت کان محروم رهيا.

محبت عرفان جو لازمي نتيجو آهي، هر سليم الفطرت انسان ڪمال سان محبت ڪندو آهي مگر محبت کان پهريان معرفت ضروري آهي. بي صورت ۾ محبت نہ رڳو بيڪار پر شايد بتپرستي ڳڻجي. محبت چوتڪارو ڏيارڻ واري ڪونهي بلڪ عرفان ۽ معرفت ئي چوتڪارو ڏيارڻ وارا آهن.

”مِنْ مَّاتَ وَلَمْ يَعْرِفْ اِمَامَ زَمَانِهِ مَاتَ مِيْتَةً جَاهِلِيَّةً“ (حديث)

شريعتي جي عقيدي مطابق نهج البلاغہ مذهبيات ۽ الاهيات ۾ حرف آخر. فڪر ۽ نظريات جي دنيا ۾ انتهائي ڳوڙهو ۽ اخلاقيات جي موضوع تي ڀرپور ڪتاب آهي. جيڪو پڪاري پڪاري چئي رهيو آهي تہ اها ڪنهن عام انسان جي لکت (تحرير) ڪونهي، اهو صرف ۽ صرف علي عليہ السلام جو ڪمال آهي. مگر ان کان بہ وڌيڪ اثر واري، ڳوڙهي ۽ فائدو پهچائڻ واري مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام جي پنجويهن سالن واري خاموشي آهي.

ڪنهن ڳُنڊ وسائيندڙ ۽ اڪيلائپ پسند انسان جي خاموشي ناهي، بلڪ هڪڙي انتهائي فعال ۽ زبردست متحرڪ ڪامل انسان جي پنجويهن سالن واري خاموشي ڪائي معمولي ڳالهہ ڪونهي. مگر ماڻهو جيئن جيئن ماڻهپي وارو ٿيڻ لڳندو آهي، آهستي آهستي انساني بلندين طرف قدم وڌائڻ لڳندو آهي تہ ايتروئي معاشري کان پري ۽ بلند ٿيڻ لڳندوآهي، پاڻ کي پنهنجن ئي ماڻهن ۾ ان سڃاتل، ڌاريو (اجنبي) ۽ ڳوناين (هم وطنن) کان ويڳاڻو محسوس ڪرڻ لڳندوآهي. دنيا ۾ صرف اهو اڪيلو ڪونہ هوندو آهي جيڪو عام انسانن جي فڪري انداز ۾ سوچيندو هجي ۽ زماني جي رنگ ۾ رنگيل هجي.

مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام ”وَمَا تَشَائُونَ اِلاَّ اَنْ يَّشَاءَ اللّٰهُ“ جو نمونو. جيڪو الله جي مرضي جي مطابق سوچيندو هجي. جنهن سالن تائين تلوار هلائي، لڙايون ڪيون، قربانيون ڏنيون ۽ بي پناهہ ڪوشش

۽ قربانين ڪان پوءِ هڪڙي نئين (جديد) معاشري ۽ نئين تهذيب جو بنياد رکيو ۽ پنهنجي مقصد (مشن) ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. پنهنجي منفرد ۽ زماني کان بلند فڪري انداز جي ڪري پنهنجن ئي ساٿين ۾ اڪيلو پنهنجن ۾ ئي اوپرو (اجنبي) ٿي ويو. اڌ رات جو سڏڪا ڀرڻ ۾ مشغول ۽ دانهن ڏيندڙ ٿي وڃي ٿو ان جي خاموشي کان دل ڏڪڻ لڳي ٿي. پيغمبر اسلام صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي چاهڻ وارن ۾ ڪوئي بہ ڪونهي جنهن سان مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام رلمل (مانوس) ٿي سگهن. تنهنڪري اونداهي رات ۾ شهر کان ٻاهر رڻ پٽ ۾ هليو وڃي ٿو جتي ڪير ڏسڻ وارو نہ هجي. پوري ڪائنات ۾ پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪري ٿو. صرف ۽ صرف امامت ۽ هدايت جو منصب ئي ان کي انهن ماڻهن ۾ موتائي وٺي اچي ٿو.

امير علي عليہ السلام جون آبادي کان ڏور اهي ٿڌيون آهون ۽ سڏڪا ڇاجي لاءِ؟ ڇوتہ معاشري ۾ ڪوئي بہ ڪونهي جيڪو ان جي معرفت حاصل ڪري سگهي. انسان خواهشن ۽ حيوانيت کان جنهن رفتار سان پري ٿيندو ويندو آهي، اوتروئي اڪيلو ٿيندو ويندو آهي ۽ صرف ۽ صرف انسان رهجي ويندو آهي ۽ مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام انسان مطلق.

ان جي خاموشي ڇاجي لاءِ آهي؟ ان کي ڪهڙو ڏک (غم) آهي؟ ان جي اڪيلائي ۽ ان جو ڏک (غم) اهو آهي تہ اسان ان کي سڃاڻي ڪونہ سگهياسين.

شريعتي تہ محبانِ امير علي عليہ السلام جي اندر واري انسان کي ڪمال وارن رسنن تي هلندو ڏسڻ گهري ٿو ۽ اهو هڪڙي ئي صورت ۾ ممڪن آهي تہ اسان مولاءِ ڪائنات جي معرفت حاصل ڪرڻ کان پوءِ ان جي نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪريون. دنياوي آسودگي ۽ آخرت واري ڇوٽڪاري جو اهوئي اڪيلو رستو آهي.

والسلام

سيد حسن عسڪري نقوي

خطيب محمدي مسجد ايف بلاڪ.

سيٽلائيٽ ٽائون. راولپنڊي

# ڊاڪٽر علي شريعتي جي باري ۾

ڊاڪٽر علي شريعتي جو تعلق مشهد مقدس جي پرواري علائقي مزينان جي ديني ۽ علمي گهراڻي سان هو. اهو پنهنجن ابن ڏاڏن جي رهڻي ڪرڻي، انهن جي انسانيت ۽ علم کي پنهنجي ميراث سمجهندو هيو پر جنهن شخصيت ان کي چمڪ ۽ روشني عطا ڪئي اها ان جي اعليٰ گڻن واري بابي محترم محمدتقي شريعتي جي هئي، جنهن پنهنجن روحاني اثرن سان علي شريعتي جهڙي پٽ کي انساني وجود جي جوهر ۾ ڍاليو.

شريعتي کي ٻالڪپڻي کان ئي مطالعي جو غيرمعمولي شوق هو. ان جي تعليم اسڪول ۽ ڪاليج جي نصاب تائين محدود ڪونہ هئي. بلڪ، ان پنهنجي ابي جي ڪتب خاني (لئبريري) ۽ ان جي دوستن کان غيرمعمولي فيض حاصل ڪيو. ابي جو ڪتب خانو شريعتي جي لاءِ ڪتنب ۽ زندگيءَ جو درجو رکندو هيو. اهو ان جي هڪڙي ڪتاب ۽ انهن جي جلدن کان مانوس ۽ ڄاڻو هو.

مختارمسعود جي چوڻ مطابق شريعتي پئرس، فرانس مان هڪڙي ڊاڪٽريٽ سماجيات (شوشالاجي) ۽ ٻي ڊاڪٽريٽ تاريخ اسلام ۾ حاصل ڪرڻ کان پوءِ وطن موٽي آيو تہ حسينيہ ارشاد ۾ تاريخ شناسي، انسان شناسي ۽ جامعہ شناسي جي نظرياتي ۽ تصوراتي تعليم ڏيڻ لڳو. ان جي تقرير ٻڌڻ لاءِ ماڻهو چئني طرفن کان هجوم ڪري ايندا هيا. تقرير ٻڌندا ۽ عاشق ٿي ويندا هيا. ملڪ جو ڪو اهڙو علائقو يا ڪُنڊ ڪونہ هيا جتي اهو ماڻهن جي دعوت تي تقرير ڪرڻ لاءِ نہ ويو هجي. ماڻهن ان کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون. تقريرون ڪتابي صورت ۾ ڇپجنديون رهيون. ڪتاب هٿئون هٿ وڪامندا رهيا. تمام گهڻو ڏاهو انسان هيو. سڀ ڪجهہ تاريخي فلسفي، انسان ٿيڻ، جامعہ شناسي ديني ۽ تشيع علوي جي حوالي سان بيان ڪندو هيو.

ٽن سالن جي مختصر عرصي ۾ شريعتي پنهنجي فلسفي ۽ تقريرن سان قوم جو مزاج بدلائي ڇڏيو. ڏيڍ سال تائين ساواڪ جون اذيتون برداشت ڪيائين پر ڪنڌ جهڪائڻ ان جي ضمير ۾ شامل ڪونہ هو. دانشور ماڻهو ان کي عهدساز ۽ نظريہ ساز شخصيت قرار ڏين ٿا. هڪڙو جاودان قبيلو اهڙن ماڻهن جو بہ هوندو آهي جيڪي مرڻ کان پوءِ بہ هن دنيا جا ڪم سنوارڻ ۾ لڳا رهندا آهن. ڊاڪٽر علي شريعتي جو تعلق ان ئي قبيلي سان هو.

22 نومبر 1933ع تي ايرڻ وارو اهو روشن ستارو 44 سالن جي ڄمار ۾ 19 جون 1977ع تي لنڊن جي هڪڙي هوٽل ۾ هميشہ هميشہ جي لاءِ لهي ويو. گهڻين ئي سياسي ۽ قانوني مشڪلاتن جي باوجود ان جي لاش کي لنڊن کان دمشق کڻي اچي بهادر عورت حضرت زينب سلام الله تعاليٰ عليها بنت علي عليہ السلام جي روضہ مبارڪ جي پير ۾ قبر حوالي ڪيو ويو.

الله تعاليٰ انهن پاڪ فطرت جي عاشقن تي رحمت فرمائي. آمين.

(خدا رحمت کُند آں عاشقانِ پاک طینت را)

# بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

سڀ کان پهريان ٻڌندڙن (سامعين) کان مون کي ان ڳالھ جي معذرت ڪرڻ گهرجي تہ مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام جي حوالي ۾ زبان کولي رهيو آهيان، جڏهن تہ مان شايد ان جي لائق ڪونہ آهيان. ان کان علاوه، مان ڪو مقرر يا خطيب بہ نہ، بلڪ هڪڙو اوستاد آهيان ۽ انهيءَ ڪري منهنجو لهجو بهرحال، اوستاد جهڙو هوندو. جيڪو ان جي پنهنجي ڪلاس ۾ هوندو آهي ۽ شايد انهيءَ ڪري هن عظيم الشان جلسي آڏو منهنجو زبان کولڻ مناسب نہ هجي. ليڪن منهنجو خيال آهي تہ اسان ٻين مڙني ڳالهين کان وڌيڪ تعليم جا محتاج آهيون ۽ ايستائين جو تبليغ کان اڳ ان جي معرفت ۽ ان کان واقف هجڻ جي ضرورت آهي. گهڻن ئي ڏاهن خاص طور تي چڙوچڙ ملڪن جي اها غلط فهمي آهي ۽ اهو سمجهن ٿا تہ جديد علمن ۽ جديد طرز سان هڪڙو پيو ترقي يافتہ سماج ٺاهي سگهجي ٿو جڏهن تہ بصيرت ۽ آگاهي، ۽ فڪر جي بلند نگاهي سماج کي زندگي ۽ طاقت بخشينديون آهن. جيڪڏهن هڪڙي بي عقيدي ۽ بي دين معاشري کي علم و هنر ۽ صنعت و حرفت عطا ڪيا وڃن تہ اهو ائين آهي جيئن ڪنهن عظيم ميوي واري وڻ کي ڪنهن ڪلراٺي زمين ۾ پوکيو وڃي. ليڪن اها شي جنهن جي اسان ۾ کوٽ آهي اها ايمان ۽ ايمان جي قوت ڪونهي، بلڪ انهن مسئلن کان عدم معرفت آهي، جن جو اسان کي اعتقاد آهي.

هڪڙو وڏو اهم مسئلو جيڪو اسان جي زماني ۽ معاشري کي درپيش آهي اهو اسلام ۽ تشيع آهي. اسان مان اڪثر جو اعتقاد بہ ان تي آهي، پر افسوس تہ اسان مڪمل طور تي ان کان واقفيت ڪونہ ٿا رکون. اسان هڪڙي اهڙي مذهب تي ايمان رکون ٿا جو منطقي طور تي ان کان واقف ڪونہ آهيون. مثال طور، اسان مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام کي هڪڙو امام، هڪڙي عظيم هستي، هڪڙي واقعاتي شخصيت سمجهون ٿا ۽ اسان پوري تاريخ ۾ ان تي فخر ڪيو آهي. پر

افسوس تہ جيئن ان کي سڃاڻڻ کپندو هيو ائين سڃاتو ڪونهي. ڇوتہ اسان ان جي ساراهہ ڪرڻ ۾ گهڻو مشغول رهياسين، ان کي سڃاڻڻ جي تڪليف ڪونہ ڪئي. انهيءَ ڪري ضرورت آهي تہ اڄ اسان اهڙي ڳالهہ ڪريون جنهن جي ذريعي سان ان کي سڃاڻي سگهون.

اسلام جي تاريخ ۾ مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام جي تعريف ۽ توصيف ايتري ڪئي وئي آهي جو جيڪڏهن اسان گهرون تہ انهن شعرن کي جيڪي ان جي واکاڻ ۾ چيا ويا، اهي ڪتاب جيڪي ان جي توصيف ۾ لکيا ويا ۽ جن ۾ ان جون ڪرامتون بيان ڪيون ويون آهن، انهن کي گڏ ڪري هڪڙو عظيم ڪتب خانو (لئبريري) قائم ڪري سگهون ٿا. ليڪن ان سان گڏوگڏ هڪڙو شاگرد هن زماني ۾ هن ملڪ (ايران) ۾ جيڪو علي عليہ السلام جو ملڪ آهي (ڇوتہ هتي علي عليہ السلام کي محبت وارن جي گهڻائي آهي ورنہ سموري دنيا علي عليہ السلام جي آهي) اسان کان پڇي ٿو تہ مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام کي سمجهڻ جي لاءِ ڪهڙو ڪتاب پڙهان؟ ان جي حڪمت وارين ڳالهين، ان جي نظرين ۽ فڪرن ۽ ان جي عملن کي سمجهڻ جي لاءِ ڪهڙين ڪهڙين ڳالهين کي نظر ۾ رکان؟ تہ مان حيران آهيان تہ ان کي ڪهڙو جواب ڏيان؟ ڪهڙي ڪتاب جو نالو وٺان؟ اها ڳالهہ نہ صرف مان بلڪ سڀني دانشورن جي طرف کان ..... بلڪ پوري قوم جي طرف کان پنهنجن اسڪولن ۽ ڪاليجن جي اوستادن ۽ مدرسن جي اوستادن کي چوان تہ توهان مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام جي واقفيت ڪرائڻ جي لاءِ ڇا ڪيو آهي؟ اها قوم ۽ ملت ان کي ڪيئن سڃاڻي جيڪا ان تي قربان ٿي رهي آهي، جنهن ان جي لاءِ پنهنجو رت، پنهنجو مال، پنهنجي زندگي سڀ ڪجهہ نڇاور ڪري ڇڏيو؟

ان سلسلي ۾ قوم ۽ ملت ڪائي ڪوتاهي ڪونہ ڪئي آهي، پر اسان جا اهي ڏاها جن جي ذميواري هئي تہ مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام جي واقفيت ڪرائين، انهن ئي ڪوتاهي ڪئي آهي. ايران جي معمولي طالب علم، هڪڙي وچولي درجي واري ماڻهو هڪڙي معمولي اسڪالر کي گهرجي تہ اهو مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام کي ٻين جي مقابلي ۾ گهڻو سڃاڻندو هجي، بلڪ ٻين کي واقفيت ڪرائي سگهي ۽ جيڪڏهن ڪو تحقيق ڪرڻ جو شوقين علي عليہ السلام جي حوالي

سان ڪجھ ڄاڻ گھري ته ان جون نظرون ايران ڏانهن کڄي وڃن. اهڙي طرح اهو جيڪڏهن ڪنهن اهڙي لئبريري جي تلاش ۾ هجي جتي مولاءِ ڪائنات عليہ السلام جي حوالي ۾ بهتر مواد ملي سگهي ته اهڙي لئبريري ايران ۾ هجڻ کپندي هئي. مگر افسوس.....

اسان جي قوم مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام ۽ ان جي گهراڻي تي اهڙي فدا آهي جو ان کي ڪجھ چوڻ جي ضرورت ڪونهي، پر پنهنجي سماج جو هڪڙو فرد هجڻ جي ناتي مون کي اهو حق آهي ته مان پنهنجن دانشورن ۽ عالمن کان سوال ڪريان ته توهان مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام جي صحيح طور تي واقفيت ڇو نه ڪرائي؟ مون پنهنجي ڪتاب "حجر بن عدي" جي مقدمي ۾ هڪڙي اهم حقيقت ڏانهن اشارو ڪيو هيو ته اهي ڇون ٿا ته مصلحت ڪونهي! مون ان ئي ڪتاب ۾ لکيو هو ته اڄ جيڪڏهن هڪڙو شاگرد بيٿوون (Bethoven) جي باري ۾ ڪجھ ڄاڻ گهري ته ان کي ان جي باري ۾ گهڻا ئي ڪتاب ملي ويندا. جڏهن ته ان موسيقار کي خود يورپ جا ماڻهو ئي پسند ڪون ٿا ڪن ۽ نه ئي ان جي باري ۾ ڪجھ ڄاڻ يا نه ڄاڻ مان ڪو نفعو يا نقصان آهي. پوءِ به ان جي باري ۾ نه صرف ڪتاب ملن ٿا بلڪ سوين مضمون ۽ ان جي فن (آرٽ) جي باري ۾ گهڻن بحثن تي مشتمل مواد ملي ويندو. ليڪن افسوس ته مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام جي لاءِ، هن عظيم شخصيت جي لاءِ ڪو اهڙو ڪتاب به ملي ڪونه سگهندو جيڪو شاگردن ۽ عام معلومات رکڻ وارن جي جاکوڙ جي اُڃ کي وِسائي سگهي.

ڪتاب ضرور آهن، پر صرف مدح ۾، تعريف ۾ آهن. شعر ڇپيا ويا پر شاعرن صرف خراج عقيدت پيش ڪيو آهي، ليڪن اهي کهڙي شخصيت هيا؟ جنهن جي ايتري تعريف ڪئي وڃي ٿي ته ان حوالي ۾ سناٽو ڇانيل آهي. اها بزرگ و برتر شخصيت جنهن جي لاءِ صدين کان نسلن جا ايمان وقف ٿي چڪا آهن ۽ جنهن جي محبت ۾ پوري قوم هزارين بلڪ لکين مصيبتن جا طوفان برداشت ڪيا آهن. ليڪن محبت جي باهه کي ٿڌو ٿيڻ ڪونه ڏنو. اسان جي بزرگن کان اڄ اها عظيم محبت اسان تائين پهتي آهي جنهن جي پنيان هزارين ظلمن ۽ زيادتين جون ڪهاڻيون آهن. ليڪن آخر اهو ڪير آهي جنهن جي

محبت ۾ ايترا ظلم برداشت ڪيا ويا. اها شخصيت ڪير هئي جنهن جي محبت جي پاداش ۾ ايترا ظلم ٿيا؟ اها ڪهڙي شخصيت آهي جنهن جي لاءِ اڄ بہ هزارين بلڪ لکين دليون ڌڙڪي رهيون آهن. ان جي باري ۾ ڪجهہ بہ معلوم ڪونهي ..... ڪيترو عظيم سانحو آهي؟ ڪيتري تڪليف ڏيندڙ ڳالهہ آهي .....؟ مدحت جي هر شعر ڪان ڀريان، تعريف جي هر جملي ڪان ڀريان، ان جي محبت ڪان ڀريان، ان جي معرفت ضروري آهي. ان جي ضرورت ۽ گهرج اسان کي بہ آهي ۽ هن پوري معاشري کي بہ آهي جيڪو ان تي جان ڏئي ٿو. ڇوتہ بغير معرفت جي محبت جي ڪائي قيمت ڪونهي. بلڪ شايد اها بتپرستي ۾ ئي شمار ڪئي وڃي.

نُصيري جيڪي شايد سيني ڪان وڌيڪ مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام کي اهميت ڏين ٿا. ان کي خدا جو درجو ڏين ٿا. ان تي پاڻ بہ قربان ٿين ٿا. پنهنجن ٻارن کي بہ قربان ڪن ٿا ۽ گمان ڪن ٿا تہ سيئي پيغمبر ۽ نبي سڀئورا ان جا ئي موڪليل آهن ..... ايتري اهميت ڏيڻ جي باوجود انهن جي اها محبت ۽ تعريف ڇو بي لاڀ آهي. ڇو توهان ان کي بيڪار سمجهو ٿا؟ اهڙي نموني جي مدح ۽ ساراهہ ٻين قومن ۾ بہ پنهنجن پيغمبرن لاءِ، پنهنجي معبود جي لاءِ، پنهنجن مقدس شخصيتن جي لاءِ ڏني وڃي ٿي، ليڪن ان کي ڪا اهميت ڪونہ ٿي ڏني وڃي، ڇو؟ صرف انهيءَ ڪري تہ ان جو ڪو فائدو ڪونهي. اهميت تہ صرف معرفت جي آهي، قدرومنزلت تہ صرف عرفان جي آهي.

مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام ..... جيڪڏهن هڪڙو رهبر آهي ..... امام آهي ..... هڪڙو ڇوتڪارو ڏيارڻ وارو آهي، ان جون تعليمات معاشري جي جان آهن. ان جا فرمان معاشري کي منزل تائين پهچائڻ جو ذريعو آهن. ان جون ڳالهيون مقصدِ حيات کي روشن ڪرڻ ۽ انسانيت جي ڪمال کي اجاگر ڪرڻ جي لاءِ آهن تہ پوءِ ان جي تعليمات سان گڏ اسان ان جي شخصيت ڪان بہ واقف هجون ها. نہ ڪي ان کي سڃاڻڻ ڪان سواءِ صرف محبت. ڇوتہ جيڪڏهن معرفت ڪان سواءِ محبت فائديمند هجي ها. ثمر ڏيڻ واري هجي ها تہ اڄ اسان ڪنهن ٻي منزل تي هجون ها. ڇوتہ اهو محال آهي، ناممڪن آهي تہ ڪوبہ معاشرو ڪوبہ سماج، ڪائي قوم مولاءِ ڪائنات عليہ السلام کي سڃاڻي

وڃي، ان جي پوري معرفت حاصل ڪري ۽ ان کان پوءِ بہ ايتري پَستي ۾ رهجي وڃي، ايتري محروم رهي ۽ ان جي حالت ايتري شرمناڪ هجي

جيڪڏهن اسان اهو ڏسون تہ ڪوئي مولاءِ ڪائنات جو پيروڪار، ڪوئي ان تي ڳوڙها ڳاڙڻ وارو يا اهو شخص جنهن جي دل ۾ علي عليہ السلام جي محبت موجزن آهي ۽ ان جي حالت ۽ ان جي معاشري جي حالت دردناڪ آهي، شرمناڪ آهي تہ ڄاڻي ڇڏيو تہ اهو علي عليہ السلام کي ڪونہ ٿو سڃاڻي. تشيع سان واقفيت ڪونہ ٿو رکي توڙي جو ڏسڻ ۾ اهو شيعو ئي اچي ٿو.

مولاءِ ڪائنات عليہ السلام کي جيڪڏهن اسان نہ سڃاڻون ۽ ان سان محبت رکون تہ اهو ائين آهي جيئن ٻيون قومون پنهنجين مقدس شخصيتن سان محبت رکنديون آهن. ليڪن بيڪار ..... جيڪڏهن اهو معلوم نہ هجي تہ مولاءِ ڪائنات عليہ السلام ڪير آهي؟ ..... ڇا ٿو چوي؟ ..... اسان کان ڇا ٿو گهري؟ ..... تشيع جا اصول ڪهڙا آهن؟ ..... ان جو ديني مقصد ڪهڙو آهي؟ .... ان جو رستو ڪهڙو آهي؟ تہ پوءِ ان مذهب ۾ ۽ ٻين مذهبن ۾ تاثير جي اعتبار کان ڪو فرق ڪونہ ٿو رهي، بلڪ ٻنهي جي زندگي جو درجو هڪ هوندو. ٻنهي جا فرد برابر هوندا. اهو مولاءِ ڪائنات عليہ السلام جنهن جي سڃاڻپ نہ ٿي سگهي اهو ان قوم جي لاءِ اهڙو ئي ٿي ويندو جيئن ٻين قومن لاءِ انهن جون شخصيتون. ڇوتہ صرف محبت پاڻمرادو (خودبخود) ڇوٽڪارو ڏيارڻ واري نٿي ٿي وڃي، بلڪ عرفان ۽ معرفت ڇوٽڪارو ڏيارڻ وارا آهن.

اسان جو فرض آهي تہ پنهنجي دور ۾ پنهنجي امام عليہ السلام کي سڃاڻون. نہ رڳو اهو تہ بغير معرفت جي صرف محبت ڪيون. منهنجو مقصد هرگز اهو ڪونهي تہ مان محبت تي تنقيد ۽ اعتراض ڪريان، ڇوتہ اهو تہ ممڪن ئي ڪونهي تہ ڪوئي علي عليہ السلام کي سڃاڻي وڃي ۽ پوءِ ان سان محبت نہ ڪري. ليڪن اها معرفت واري محبت ان کي هڪڙي عظيم روح، هڪڙي باوقار پاڪباز شخصيت سان سڃاڻپ ڪرائيندي ۽ پوءِ اهڙي محبت يقيني طور ڇوٽڪارو ڏياريندڙ بہ ٿي سگهندي ۽ اهڙي ئي محبت پوري معاشري جو روح بڻجي سگهندي، نہ ڪي اها محبت جيڪا ورثي ۾ ملي رهي آهي ۽ جنهن جي ذريعي اسان ڪجھ محبت وارا شعر يا ڪجھ عقيدت سان ڀرپور جملا

ادا ڪري ڇڏيندا آهيون. اهڙي محبت جو ڪو نتيجو ڪونہ ٿيندو. منهنجو خيال آهي تہ مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام بہ اهڙي محبت کي اهميت ڪونہ ڏيندا ۽ اهڙن عاشقن کي پنهنجو ڪونہ سمجهندا.

مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام پاڻ بہ پنهنجي فوج جي هڪڙي عهديدار کي مخاطب ٿي، جڏهن ان وڏي خوبصورت لفظن ۾ ان جي تعريف ڪئي هئي، چيو هيو تہ:

"مان ان کان گهڻو بزرگ ۽ برتر آهيان جيترو تنهنجي دل ۾ آهيان ۽ ان کان گهڻو ڪمتر آهيان جيترو تنهنجي زبان تي آهي."

مولاءِ ڪائنات اهي آهن جو لکڻ وارن لکيو آهي، جيئن "ملل و نحل" تہ پاڻ پنهنجي پوڄا ڪرڻ وارن کي باهہ ۾ ساڙايائون ۽ اهڙي قسم جي خيال رکڻ وارن کي پنهنجي ملڪ مان نيڪالي ڏئي ڇڏيائون.

ممڪن آهي تہ ڪجهہ ماڻهن جو خيال هجي تہ علي عليہ السلام جي محبت آخرت ۾ شفاعت ٿيندي، ليڪن مان سمجهان ٿو تہ اها محبت جيڪا عدم معرفت واري هجي اها آخرت ۾ بہ ڪم ڪونہ ايندي (جيئن دنيا ۾ ڪم نٿي اچي) ڇوتہ آخرت بہ اصولي ۽ منطقي قانونن جي طابع آهي. آخرت بہ انِ عقل ۽ ارادي واري جي تيار ڪيل آهي جنهن هن دنيا کي خلقيو آهي. جهڙي طرح هتي هر شي اصولي ۽ منطقي قانون ۽ علت و معلول جي سببن جي محتاج آهي، اهڙي طرح اتي بہ. جيئن هتي معرفت کان سواءِ محبت اڳتي وڌڻ نٿي ڏئي، اهڙي طرح اتي بہ فائدي واري ڪونہ هوندي.

مان انهن ڪجهہ ڳالهين ۾ جيڪا هتي تقرير ڪندس، منهنجا بہ موضوع هوندا.

(1)..... شڪست ۾ ڪاميابي.

(2)..... اڪيلائي ۽ علي عليہ السلام.

اسان ماڻهو عام طور تي ڪاميابي کي ئي ڪاميابي تصور ڪندا آهيون. ليڪن مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام اهم ۽ گهڻوئي اهم سبق ڏنو آهي تہ شڪست ۾ بہ ڪاميابي لڪل آهي. آخر ڪيئن؟ هڪڙو امام، هڪڙو رهبر اهو سبق ڏئي رهيو آهي تہ ڪڏهن تہ فتح حاصل ڪرڻ ۽ ڪامياب ٿي وڃڻ کي ڪاميابي سمجهو ۽ ڪڏهن شڪست

جي صورت ۾ ڪاميابي تصور ڪيو ۽ ان ڳالھ کي ڪڏھن زباني لفظن سان سمجھايائون تہ ڪڏھن پنھنجي خاموشي سان

هن ڪان اڳ ۾ مون هڪڙي رسالي ۾ مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام جي سلسلي ۾ لکيو هيو. ان ۾ ذڪر ڪري چڪو آهيان تہ نهج البلاغہ اسان وٽ قرآن شريف ڪان بعد سيني ڪان اهم ڪتاب آهي ليڪن اسان ان کي پڙھون ڪونہ ٿا، ان کي نتا ڄاڻون ۽ نتا سمجهون، جيئن قرآن شريف. ڇوتہ قرآن شريف جي بہ اسان صرف تعريف ڪندا آهيون، عزت ڪندا آهيون، ان کي چمندا آهيون ۽ بس ..... ليڪن ان تقديس ۽ تعريف مان ڪهڙو فائدو؟ ان جو ڪهڙو اثر تي سگهي ٿو؟ جڏهن تہ اسان کي اهو معلوم ڪونهي تہ ان ۾ ڇا آهي. اهڙي طرح اسان جون اهي شخصيتون جيڪي اسان جون ڇوتڪارو ڏياريندڙ ٿي سگهن ٿيون، اسان جي پوري قوم کي ڇوتڪارو ڏياري سگهن ٿيون، اچڻ وارن نسلن کي رستي لڳائي سگهن ٿيون، ليڪن ڪڏهن .....؟

مون ڪتاب "حجر بن عدي" ۾ لکيو آهي تہ نهج البلاغہ جي باري ۾ سيني دانشورن، ليڪڪن ۽ اديبن جو چوڻ آهي تہ اهو هڪڙو بهترين ڪتاب آهي.

مختلف فرقن سان تعلق رکڻ وارا بہ انهي نقطي تي متفق آهن تہ اهو هڪڙو آفاقي ڪتاب آهي. ڇوتہ اهو ڪتاب مذهبيات جي اعتبار کان حرف آخر. فڪرونظريات جي دنيا ۾ انتهائي ڳوڙهو ۽ اخلاقيات جي موضوع تي ڀرپور ڪتاب آهي. ان جي لکت پڪاري پڪاري چئي رهي آهي تہ اها ڪنهن عام انسان جي لکت ڪونهي، اهو صرف علي (عليہ السلام) جو ڪمال آهي. ليڪن مان سمجهان ٿو تہ انهن پوري عمر ۾ جيتريون ڳالهيون ڇيون، جيترا جملا ارشاد فرمايا آهن، انهن سيني ۾ سيني کان گهڻو اثر وارو، خوبصورت، ڳوڙهو ۽ نفعي وارو هڪڙو جملو آهي ..... اهو آهي:

## "پنجويهن سالن جي خاموشي"

# 25 سالن جي خاموشي

"اهو جملو" دنيا جي مڙني مسلمانن کي مخاطب آهي. البت، انهن انسانن جي لاءِ جن ۾ انسانيت آهي ۽ جيڪي مولاءِ ڪائنات امام علي عليہ السلام کي سڃاڻن ٿا. پنجويهہ سالن جي خاموشي ڪائي معمولي ڳالهہ ڪونهي، اها بہ سختين ۽ مصيبتن سان گڏ. وري اها بہ ڪنهن ڪنڊ وسائيندڙ ۽ اڪيلائي پسند شخص جي خاموشي ڪونهي، بلڪ فعال ۽ زبردست شخص جي خاموشي. ان جي خاموشي خود هڪڙو ڳالهائيندڙ جملو آهي، بلڪ هڪڙو ڪتاب آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ امام ڪڏهن لفظن سان ڳالهائيندو آهي تہ ڪڏهن ماٺ جي ذريعي. ڪڏهن ڪاميابين جي ذريعي ۽ ڪڏهن ان جي مظلوميت اسان سان مخاطب ٿيڻ آهي ۽ اسان جي ذميواري بہ اسان کي معلوم آهي تہ اسان ان سبق کي ياد رکون. انهن ڳالهين تي غور ڪيون ۽ انهن خاموشين کي سمجهون.

هڪڙي ٻي ڳالهہ جنهن جو مان هتي ذڪر ڪري ڇڏيان تہ هڪڙي اهم بيماري اها آهي تہ ڪوئي مذهب يا ڪنهن جون تعليمات عواميات جو شڪار ٿي ويندیون آهن، جيئن اڪثر مذهب شڪار ٿي ويا، ڇو .....؟ ان کي مان هيئن چٽو ڪريان تہ آئن اسٽائن جو نظريو (ٿيوري) عواميات جو شڪار نہ ٿي سگهيو ڇوتہ ان جو موضوع اهڙو آهي جو فقط هڪڙي خاص طبقي، اهو بہ صرف رياضي ۽ فزڪس جي ماهرن جوئي، سان تعلق آهي، ۽ جيئن تہ اهي آئن اسٽائن جي زبان کي چڱي نموني سمجهن ٿا انهيءَ ڪري اهي ان کي مسخ نٿا ڪري سگهن يا ان ۾ تحريف ۽ تبديلي نٿا ڪري سگهن. يعني جن نظرين (ٿيورين) ۽ فلسفن جو تعلق هڪڙي خاص طبقي سان آهي ۽ اهو طبقو بہ ان ڳالهہ ۾ ڪامل مهارت رکندو هجي تہ اهو نظريو (ٿيوري) ۽ فلسفو ان ئي دائري ۾ رهندو آهي ۽ محفوظ رهندو آهي. ليڪن جيڪي ڳالهيون ڪنهن طبقي ۾ گهريل ڪونہ رهنديون آهن، ڇوتہ انهن جو تعلق عوام ۽ پوري

انساني لڏي سان هوندو آهي. اتي اها بيماري اڪثر اچي ويندي آهي جنهن جو مون ذڪر ڪيو. ۽ ان بيماري جي هڪڙي صورت اها هوندي آهي ته دين جي ڪنهن اهم حقيقت کي غلط طريقي سان سمجهيو وڃي يا پيش ڪيو وڃي. اها هڪڙي اهڙي بيماري آهي جيڪا ڪنهن به حقيقت کي تباهه ۽ برباد ڪري سگهي ٿي. ڇوته عوام پنهنجي سمجهه جي مطابق (اها به گهڻي بيڪار فڪر سان) ان کي پنهنجي ذهن ۾ آڻيندو آهي ۽ پوءِ پنهنجي عادت، پنهنجي سليقي، پنهنجي شخصيت ۽ تربيت جي اعتبار سان ان ئي رنگ ۾ آڻي ان حقيقت کي پنهنجي اصل مرڪز کان گهڻو پري ڪري ڇڏيندا آهن.

مان مثال جي طور تي هڪڙي ڳالهه عرض ڪريان ٿو ته توهان ڏسي سگهو ته حقيقتون ڪيئن عواميت جو شڪار ٿينديون آهن. مثال طور، اسان جي مذهب جون جيڪي اهم ۽ مقدس شخصيتون آهن، انهن جي معرفت اسان هڪڙي انسان جي پنهنجي اصليت ۽ واقعيت کي پوري طرح سمجهي نٿا سگهون. مثال طور، اسان مولاءِ ڪائنات عليہ السلام جي باري ۾ اهو ڪونه ٿا ڄاڻون ته ڇو اهي اهم آهن؟ بس اها خبر آهي ته اهي گهڻو اهم آهن. اسان کي خبر آهي ته عظيم آهن، اسان جو ان سان ڪو مقابلو ڪونهي. "اسان مٿي اهي عالم پاڪ".

اهو انهيءَ ڪري آهي جو اسان کي ان اسلامي معيار يا مولاءِ ڪائنات عليہ السلام جي ٻڌايل رستي جي ڄاڻ ڪونهي. اسان صرف پراڻي عادت ۽ وراثت ۾ مليل علميت جيڪا نسل در نسل اسان تائين هلندي پئي اچي، ان جي ذريعي مولاءِ ڪائنات عليہ السلام کي سڃاڻون ٿا. انهن جي سيني فضائل ۽ مناقبت کي اسان صرف معجزن ۽ ڪرامتن ۾ ڳنڍيون ٿا. فقط انهن جي معجزن ۽ ڪرامتن جي ڳولا ۾ آهيون يا ان تي ڪنڌ ڌوڻيون ٿا. مثال طور، پاڻ جڏهن پينگهي ۾ هيا ته هڪڙو نانگ آيو هيو پاڻ ننڍڙا هٿڙا پينگهي مان ڪڍيائون ۽ نانگ کي ٻه ٽڪرا ڪري ڇڏيائون. انهيءَ ڪري مولاءِ ڪائنات عليہ السلام گهڻو عظيم آهن. اسان کي ان روايت سان ڪا غرض ڪونهي. مان اهو چوڻ گهران ٿو ته جڏهن اهي امام آهن يعني جيڪڏهن انهن جي پيروي ڪئي وڃي ته اسان ڇوٽڪارو حاصل ڪري ونداسين. اهي اسان جا

رهنما آهن. اسان جا رهبر آهن يعني اسان سڀني کي انهن جي نقش قدم تي هلڻو آهي تہ جيئن اسان هڪڙو سٺو معاشرو، هڪڙو آزاد سماج ۽ هڪڙي ڪامياب تهذيب سان مالا مال ٿي سگهون. ليڪن اسان ان ٻارڙي جي پيروي ڪيئن ڪريون جنهن پينگهي ۾ نانگ کي ٻہ ٽڪرا ڪري ڇڏيو. اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ سماج ۽ معاشرو ان شخص جي تقليد ڪري جيڪو محيرالعقل ڪم انجام ڏئي ٿو. آخر اهڙو ڪم ڪيئن انجام ڏئي ۽ پوءِ اهو ترقي بہ ڪري وڃي، اهو ڪيئن ممڪن آهي؟ منهنجي سمجهہ ۾ ڪونہ ٿو اچي.

اهو صحيح آهي تہ مولاءِ ڪائنات عليہ السلام اهڙي نموني جا معجزا بہ ڏيکاريا. پر اسان ان جي تعريف ڪري ڪيئن پيروي ڪريون ۽ ڪيئن اڳتي وڌي سگهنداسين. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ اسان ائين ڇو ڪندا آهيون؟ صرف انهيءَ لاءِ تہ هزارن سالن کان مذهبي نظريو اهو هيو تہ جنهن فاني دنيا ۾ اسان رهون ٿا هيٺي آهي، معمولي آهي ۽ سڀني کان ڪمتر آهي. ان جي مٿان ڪجهہ فلڪ آهن جيڪي زمين کان وڌيڪ اهميت وارا آهن ۽ فلڪ جيئن جيئن مٿي واقع هوندا آهن ان حساب سان انهن جا درجا بلند ٿي ويندا آهن. ايستائين جو ان ولايت جو وارو اچي ويندو آهي جيڪا فرشتن جو ماڳ آهي، جيڪا زمين کان گهڻو بلند درجو رکي ٿي ۽ انسان کان گهڻو وڌيڪ مرتبي واري آهي. پوءِ فرشتن جي آسمان کان مٿي اهو فلڪ آهي جيڪو خدائن جو مسڪن آهي، اُها اِها تعليم آهي جيڪا هزارن سالن کان مختلف مذهب ڏئي رهيا هيا ۽ اسان ان جا قائل هياسين.

ان نظرئي جي مطابق انسان سڀني کان گهڻو هيٺو آهي. ان کان پوءِ فرشتن جو نمبر آهي ۽ پوءِ خدا يا خدائن جي منزل آهي. اهو طرزفڪر ۽ اهو نظريو جڏهن اسلام ۾ داخل ٿئي ٿو تہ اسان اسلام کي ۽ مولاءِ ڪائنات عليہ السلام کي، بلڪ مذهبن جي سڀني بانيڪارن کي ان غيراسلامي نظرئي موجب ڏسندا آهيون، ۽ پوءِ انهن جي عظمت جا قائل ٿيندا آهيون ۽ انهن جي تعريف ۽ توصيف ۾ مشغول ٿي ويندا آهيون ۽ ان مان ڪوبہ لاڀ ڪونہ ٿو ملي.

منهنجي اوستادن ۾ جناب گورويچ جيڪو مشهور ماهر سماجيات آهي، چوي ٿو تہ 70 سال عِلم اجتماع ۾ ساختيات ("اسٽرڪچوئلزم" Structualism: جنهن موجب عمل جي پيٽ ۾ بيهڪ ۽ بناوت کي اهميت حاصل آهي) جي نظرئي جي سخت مخالفت ۽ جمي مقابلو ڪيو ۽ ان کان پوءِ جڏهن مون لاروس جو هڪڙو ڪتاب پڙهيو جنهن ۾ منهنجي زندگي ۽ ڪارنامن جي باري ۾ بحث ڪيو ويو هيو تہ ان ۾ ان لکيو تہ جناب گورويچ دنيا جو ماهر سماجيات آهي ۽ ساختيات ("اسٽرڪچوئلزم" Structualism) جي نظرئي جي بانيڪارن مان هيو. يعني بجاءِ مخالفت ڪرڻ وارو لکڻ جي بانيڪار لکي ڇڏيائين، اهو آهي اسان جي 70 سالن جي محنت جو صلو. هاڻي اهو اها ڳالهہ لکڻ کان پوءِ پلي ڪيتري بہ تعريف ڪري، جيترو گُهري ان کي عظيم چوي، جهڙي طرح بہ ان کي ماهر سماجيات پڌائي، جيئن بہ ان جي خدمتن جو اعتراف ڪري ڪوئي فائدو ڪونهي، ڇوتہ ان جي اصل نظرئي کي تہ ختم ڪري ڇڏيائين.

اسلام ۾ انسان جي خلقت جي باري ۾ اچي ٿو تہ الله تعاليٰ گهڻي واضح انداز ۾ پنهنجي امانت کي زمين، جبل، فرشتن، ايستائين جو وڏن ملائڪن جي سامهون پيش ڪيو، ليڪن ڪير بہ ان بار کي کڻڻ لاءِ تيار ڪونہ ٿيو صرف انسان هيو جيڪو اڳتي وڌيو ۽ اهو ان عظيم منصب کي ونڻ لاءِ تيار ٿي ويو.

پوءِ الله تعاليٰ سيني ملائڪن کي حڪم ڪيو تہ سيئي ان عظيم مخلوق کي سجدو ڪن. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ انسان فرشتن جو مسجود رهي چڪو آهي. بلند درجو رکي ٿو، آدميت، بشريت ۽ انسانيت ملائڪن کان اشرف ۽ اعليٰ آهي.

انهيءَ ڪري جيڪڏهن اسان اسلام جي روشني ۾ غور ڪريون ۽ مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام کي ان عنوان موجب ڏسون تہ هڪڙو مسلمان، هڪڙو پيروڪار پنهنجي امام جي لاءِ ڇا چوي ٿو ۽ اسلامي نقطئہ نظر کان مولاءِ ڪائنات جي باري ۾ ڪجهہ چيو ويو تہ اسان کي فضائل ڳولڻا پوندا. جيڪي هڪڙي انسان ۾ هجڻ گُهرجن. اهو انسان جيڪو ملائڪن جو مسجود آهي. اهو انسان جيڪو وڏن ملائڪن کان

بہ برتر آهي. مگر افسوس ..... اسان ۾ اها سمجھ ڪونهي. اهو طرزفڪر اڄا تائين اسان جي ذهنن ۾ جڳهہ والاري ڪونہ سگهيو آهي. انهيءَ ڪري جڏهن اسان پنهنجن امامن ۽ نبين سڳورن جي تعريف ۽ توصيف ڪندا آهيون تہ انهن کي فرشتہ صفت چوندا آهيون. فخر محسوس ڪندا آهيون ۽ سوچيندا آهيون تہ اهڙي طرح اسان امام عليہ السلام کي فرشتن جي منزل تي پهچائي ڇڏيو. ۽ ان کي اسان انسانيت جي منزل کان گهڻو مٿي ڪڍي آياسين. انهيءَ جي باوجود تہ حقيقت ۾ ملائڪن جي برابر ڪري اسان ان جي منزلت کي گهٽائي ڇڏيو آهي.

اهي مڙئي صفتون جيڪي ملائڪن جي لاءِ آهن. جيڪڏهن اسان انهن جي نسبت اسان پنهنجن امامن سڳورن سان ڏيون ۽ انهن کي وڏن ملائڪن جي درجي تي آڻي رکون تہ قرآن شريف جي روشني ۾ اسان انهن جي مرتبي کي آدميت ۽ انسانيت کان گهٽ ڪري ڇڏيو. اسلام جي پيغمبر صلي الله تعالي عليہ وآلہ وسلم جي اها فضيلت ڪونہ آهي تہ انهن جو پاڇو ڪونہ هيو ڇوتہ روح جو پاڇو ڪونهي هوندو ملائڪن جو پاڇو ڪونهي هوندو گهڻيون ئي مخلوقون آهن جن جو پاڇو ڪونهي تہ اها پيغمبر صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي فضيلت ڪونهي ۽ ائين اهڙي قسم جون ڳالهيون مولاءِ ڪائنات عليہ السلام ۾ هجن تہ علي عليہ السلام جي تعريف فرشتن جي برابر ٿي وينديءَ جڏهن تہ مولاءِ ڪائنات عليہ السلام جي منزل ملائڪن کان گهڻي بلند آهي. اهي تہ ملائڪن جو مسجود آهن.

انهيءَ ڪري اسان جي لاءِ ضروري آهي تہ اسان ان ۾ فرشتن جي صفتن کي نہ پر انسانيت جي ڪمال کي تلاش ڪيون. ليڪن اڄا تائين اسان جو طرز فڪر غيراسلامي آهي، بلڪ اهو طرز فڪر اسلام کان پهريان جو آهي. اسان علي عليہ السلام کي ان موجب ڏسون ٿا ۽ پوءِ علي عليہ السلام ۽ پنهنجن ٻين رهبرن کي فرشتو ثابت ڪيون ٿا. جنهن جو رهبري سان ڪوئي تعلق ڪونهي. ڇوتہ فرشتن جي پيروي نٿي ٿي سگهي ۽ ملائڪ انساني معاشري کي ڇوٽڪارو نٿو ڏياري سگهي. اهو صرف عظيم انسان جو ڪمال آهي تہ اهو انسانيت کي

چوڻڪارو ڏياري سگهي ٿو. اهو عظيم انسان ٻيو ڪوبہ نہ علي آهي، علي آهي، علي عليہ السلام آهي.

پر مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام جا ڪمالات ڇا آهن. اهو مسئلو جنهن جي باري ۾ شايد اڄ تائين سوچيو ئي ڪونهي ويو جڏهن تہ اهو سڀني کان وڌيڪ ضروري هيو اهو آهي مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام جي اڪيلائي. ائين تہ هر انسان هڪڙي اڪيلي مخلوق آهي، سڀني قصن ڪهاڻين ۾، سڀني پراڻن ڏندڪٿائي داستانن ۾، سڀني مذهبن ۾ ۽ انسانيت جي پوري تاريخ ۾ مختلف طريقن سان مختلف زبانن ۾ اهو چيو ويو آهي تہ انسان جي سڀ کان وڏي مصيبت ان جي اڪيلائي آهي..... اها اڪيلائي ڇو.....؟

"اريڪ فردم" جو چوڻ آهي تہ اڪيلائي عشق، يگانگي جي پيداوار آهي. اها بلڪل صحيح ڳالھہ آهي، ڇوتہ جيڪو شخص پنهنجي معبود، پنهنجي معشوق جي عشق ۾ مبتلا آهي اهو ٻين مڙني ڳالهين کان بيگانو ٿي ويندو آهي. ڇوتہ ان کي هاڻي ڪنهن ٻئي جي تمنا ڪونهي هوندي، جڏهن ائين هجي تہ اڪيلو ٿي وڃي ٿو. جيڪو شخص ماڻهن ۽ ٻين ڳالهين کان بيگانو آهي، ڪنهن سان انس ڪونهي، ڪنهن سان مطابقت ڪونهي تہ اهو اڪيلو ٿي وڃي ٿو ان کي اڪيلائي جو احساس ٿيندو آهي.

ماڻهو جيئن جيئن "انسان" ٿيڻ لڳندو آهي تہ ان کي اڪيلائي جو وڌيڪ احساس ٿيڻ لڳندو آهي. عام طور تي ڏٺو ويندو آهي تہ جيڪي ماڻهو حساس هوندا آهن يا جيڪي انسانيت جا ممتاز فرد هوندا آهن، اهي ماڻهن جي حرص ۽ هوس کي ڏسي ڪجھہ ڏکوئجي ويندا آهن ۽ افسوس ڪندا آهن يا اهي ماڻهو جيڪي آهستي آهستي بلندين جي طرف قدم وڌائيندا آهن اهي آهستي آهستي معاشري کان پري ٿيندا ويندا آهن ۽ اڪيلا ٿي ويندا آهن.

دنيا جي اهم علمي شخصيتن کي ڏٺو وڃي تہ معلوم ٿئي ٿو تہ انهن جي سڀ کان وڏي خصوصيت اها هئي تہ اهي پنهنجي وقت ۽ زماني ۾ اڪيلا هيا يا خود پنهنجي دور ۾ غيرمعروف هيا، اجنبي هيا، خود پنهنجي وطن ۾ بيگانا هيا ۽ انهن کي..... انهن جي ڳالهين کي..... انهن

جي تحقيقات ڪي ..... ۽ انهن جي طرزِ فڪر، سطح فڪر ۽ فن ڪي انهن ڪان پوءِ وارن گهڻو وڏيڪ بهتر سمجهيو.

هر فلسفي ۽ طرزِفڪر ۾ انسان اڪيلو نظر اچي ٿو..... اڪيلائي جي مصيبت ڪي برداشت ڪندي نظر اچي ٿو ۽ جيئن جيئن انسان پنهنجي انسانيت جي منزل ڪي طي ڪندو وڃي ٿو پنهنجي ماحول ڪان اجنبي ٿيندو وڃي ٿو زندگي جي هنگامن ڪان الڳ ٿيندو وڃي ٿو ۽ اڪيلو ٿيندو وڃي ٿو.

جن سببن جي ڪري، انسان معاشري ڪان ڪٽجي وڃي ٿو انهن مان هڪڙو سبب اهو آهي ته عام طور تي جن ڳالهين ۽ شين ڏانهن لاڙو هوندو آهي، اهو انهن ڪان بيگانو ٿي وڃي ٿو. ان جي اها اُڃ جيڪا ٻين ڪي هڪڙي چشمي مان ڍاول ٿيندي ڏسندي آهي، ليڪن پاڻ اوڏانهن مائل ڪونه ٿيندي آهي. جيئن جيئن روح بلندين طرف وڌندو آهي، ۽ عظمتن ڪي حاصل ڪندو ويندو آهي، ايستائين جو اها عظمت جنهن ڪي قرآن شريف آدم عليہ السلام جي قصي جي صورت ۾ اسان جي سامهون پيش ڪري ٿو اها بلڪل اڪيلي ٿي چڪي هوندي آهي.

دنيا ۾ ڪير اڪيلو ڪونهي؟ ..... اهو شخص اڪيلو ڪونهي جيڪو سيني سان گڏ آهي. يعني سيني جي فڪري سطح ۾ برابر آهي، سيني جي اندازِ فڪر سان سوچي ٿو ۽ سيني جي انداز سان ڏسي ٿو. يعني اهو جيڪو زماني جي رنگ ۾ رنگجي وڃي ٿو ۽ پوءِ اهو انهن جي ئي رنگ ۾، انهن جي ئي انداز ۾ انهن جي ئي سطح تي سوچي ٿو ڏسي ٿو ٻڌي ٿو ۽ پوءِ هر ڳالهہ ۾ انهن سان گڏجي انهن مان ئي هڪڙو ٿي وڃي ٿو. اهو انسان وري ڪڏهن اڪيلائي جو احساس نٿو ڪري، ڇو؟ ..... ته سيني جهڙو آهي ..... انهن مان ئي هڪ آهي، اهو انهن سان ئي گڏ آهي ..... سيني سان گڏ ڪائي پئي ٿو ..... سيني سان گڏ اٿي ويهي ٿو ۽ انهن جي مزن مان مزا وٺي ٿو.

اجنبيت ۽ اڪيلائي جو احساس ته ان ڪي ٿيندو آهي جيڪو پنهنجي معاشري جي ۽ پنهنجي زماني جي برائين ڪي ڏسندو آهي، انهن ڪي محسوس ڪندو آهي ۽ پوءِ انهن ڪان بچي ڪري اڪيلو رهجي ويندو آهي ۽ اهوئي بچڻ ۽ اڪيلائي جو احساس پنهنجي

ماحول ڪان ۽ پنهنجي دنيا ڪان ڇڪي ان کي ان ڏانهن وٺي ويندو آهي جنهن جي اهو پوڇا ڪندو آهي، جتي ان جي احساسن کي سڪون ملندو آهي، اها جاءِ جيڪا ان جي لاءِ مناسب آهي، اها منزل جيڪا ان جي شخصيت جي لائق آهي. اهوئي احساس روح جي ڪامل ٿيڻ سان گڏ وڌندو رهندو آهي، شديد کان شديد تر ٿي ويندو آهي ۽ ان اعتبار کان تڪليف ۾ اضافو ٿي ويندو آهي. انسان جي لاءِ سڀ کان دردناڪ ڳالهہ (اهو انسان جيڪو بلندين تائين پهچي ويو آهي) اڪيلائي آهي.

اسان مولاءِ ڪائنات عليہ السلام جي زندگي ۾ ڏسون ٿا تہ جنهن حد تائين بہ اسان کي معرفت آهي، اهوئي مولاءِ ڪائنات اڌ رات جو روج راڙي ۾ مشغول آهي، دانهون ڪري رهيو آهي، انهن جي خاموشي ڏسي دل ڏڃي وڃي ٿي. انهن جون ڳالهيون ٻڌي دل ۾ هڪڙو درد پيدا ٿئي ٿو ڇوتہ هي اهوئي علي عليہ السلام آهي جنهن عرصي تائين تلوار هلائي، لڙايون ڪيون، قربانيون ڏنيون ۽ ان کان پوءِ جڏهن پنهنجي بي پناهہ ڪوشش ۽ قربانين سان هڪڙي نئين معاشري جو بنياد وڌو ماڻهن کي هڪڙي نئين زندگي ڏني ۽ پنهنجي مشن ۾ ڪامياب ٿيو تہ خود پنهنجن ئي ساٿين ۾ اڪيلو آهي، خود پنهنجن ئي ماڻهن ۾ اجنبي آهي. صرف اهو نہ پر اسان اهو بہ ڏسون ٿا تہ رات جي اونداهي ۾ شهر کان ٻاهر نڪري وڃي ٿو. صحرا جي ڪنهن کوهہ ۾ منهن وجهي دل جو حال ٻڌائي ٿو ڳوڙها ڳاڙي ٿو. پوءِ ماٺ ڪري "اجنبين" ۾ اچي وڃي ٿو ايترا سيئي اصحابي ..... مديني جي ايتري وڏي آبادي ..... ايترن گهڻن ماڻهن جو اچڻ وڃڻ ..... رسول اڪرم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا چاهڻ وارا ..... ليڪن ڪير بہ ڪونهي جو مولاءِ ڪائنات عليہ السلام سان مانوس هجي يا جنهن سان اهو رلمل ٿي سگهي ..... ڪير بہ ان جي پايي جو ڪونهي ..... تہ ان سان پنهنجي دل جو ڏک بيان ڪري سگهي ..... ڪجهہ ٻڌائي سگهي ..... ڪوئي دلدار ڪونهي ..... ڪوئي ٻڌڻ وارو ڪونهي ..... ڪوئي غمخوار (مونس)ڪونهي ..... مديني ۾ ..... پنهنجو اهو شهر ..... ۽ اهو معاشرو اهو سماج جيڪو خود انهن ٺاهيو ..... انهن جي ڪوشش سان وجود ۾ آيو ..... ڪوئي غمخوار ڪونهي

..... ڪوئي پنهنجو ڪونهي ..... اونداهي رات ۾ شهر کان ٻاهر صحرا ۾ هليا وڃن ٿا تہ ان کي ڪوئي نہ ڏِسي ڪوئي ويجهو نہ اچي.

ڪنهن انسان جي لاءِ سڀ کان وڏي مصيبت اها هوندي آهي تہ بيوقوف ۽ ڪميڻا ماڻهو پنهنجي تنگ نظري ۽ ڪريل فطرت ۽ گناهن ۽ ذلتن سان گندو ٿيل ذهن هجڻ جي ڪري ..... ان جي عظمت کي ..... منزلت کي ..... ۽ ان جي شخصيت کي ..... نہ صرف اهو تہ نہ سمجهي سگهن پر گهٽ سمجهن. اهڙيون عظيم شخصيتون انهن حالتن ۾ اهو سوچيندڙيون رهنديون آهن تہ ڪاش ..... اهي ماڻهو ..... اهي ذهن ..... اهي نظرون ..... اهي بظاهر زنده انسان ..... اها گهمندي ڦرندي مخلوق ..... ان کي ڏسي ..... ان کي پرکي ..... غور ڪري ۽ سمجهي سڃاڻي.

ڪنهن لکڻ واري لکيو تہ "شينهن ڏينهن جي وقت ۾ ڪونہ روئيندو آهي ..... لومڙي جي سامهون ..... بگهڙن جي سامهون ..... عام جانورن جي سامهون ..... شيهن ڳوڙها ڪونہ ڳاڙيندو آهي. انهن جي سامهون پنهنجي وقار کي پنهنجي عظمت کي خاموشي جي چادر ۾ ويڙهي رهندو آهي. پنهنجي ناقابل برداشت درد کي بہ لڪائي رکندو آهي، ليڪن ..... جڏهن رات جي اونداهي پکڙجي ويندي آهي، جڏهن پوري ڪائنات تي انڌيرو ڇانئجي ويندو آهي تہ اهو ..... اڪيلو ..... ان وقت صبر جو پيالو ڇلڪي ويندو آهي تہ اونداهي رات ۾ اهو جهنگلن، صحرائن ۾ اهڙي جاءِ تي جتي ڪوبہ نہ هجي ..... جنهن وقت ماڻهو پنهنجن گهرن ۾ آرام سان سمهي رهيا هجن ..... ڪائي تڪليف، ڪائي مصيبت، ڪوئي فڪر انهن جي لاءِ سجاڳ ٿيڻ جو سبب نہ ٿئي ..... ان وقت اهو اڪيلو ..... جيڪو پوري ڪائنات ۾ پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪري رهيو آهي ..... اها زمين، اهو آسمان، سڀ ان جي لاءِ اجنبي آهن ..... جيڪڏهن ان جو ڪو ساٿي آهي، ڪوئي غمخوار آهي، ڪوئي همدرد آهي تہ صرف ۽ صرف ان جو احساسِ ذميواري ..... جيڪو ان کي معاشري سان ڳنڍيون پيو آهي ..... ان جي امامت آهي جيڪا ماڻهن سان ملڻ تي مجبور ڪري ٿي ..... ورنہ جڏهن اهو پنهنجي چئني طرفن ڏانهن ڏسي ٿو تہ پوءِ اهوئي نظر اچي ٿو ۽ اهو اڪيلو آهي ..... اڪيلو آهي ..... پوءِ اڪيلائي جي تلاش ڪري ٿو ۽ پوءِ آبادين کان

پري، انهن اجنبين کان پري، گهڻو پري ڪنهن اونداهي کوهہ ۾ پنهنجو منهن وجهي دل جو حال ٻڌائي ٿو صرف ان ڪري تہ ان جي اها دانهن، ان جون ڏکيون آهون ڪنهن ڪمظرف ۽ ڪميڻي فطرت واري ماڻهو جي ڪنن تائين نہ پهچن، ڪوئي تنگ نظر ان کي ڏسي نہ سگهي ..... اهي ڏکيون آهون ڇو؟ ..... ان جو اهو سڏڪا پريندڙ آواز ڇو بلند ٿئي ٿو.....

افسوس تہ اهي ڏکيون آهون سيني جي لاءِ حل نہ ٿيڻ وارو مسئلو آهن ..... اهي سڏڪا سيني لاءِ معمو آهن. ايستائين جو ان کي چاهڻ وارا ..... ان جا شيعا اهو نٿا ڄاڻن تہ ائين ڇو؟ ..... ڇا ان جي لاءِ تہ خلاقت کسجي وئي .....؟

ڇا ان جي لاءِ تہ فدڪ غصب ڪيو ويو؟

ڇا ان جي لاءِ تہ منصب ڪنهن ٻئي کسي ورتو؟

ڇا ان لاءِ تہ ان جي منزلت کي ..... يا ان ڪري تہ ..... يا خدا ڄاڻي ..... ڪهڙو سبب آهي؟

هڪڙو اڪيلو روح ..... هن دنيا ۾ جيڪا ان جي لاءِ اجنبي آهي، ان معاشري ۾ جنهن ۾ اهو زندگي گذاري رهيو آهي، ليڪن اهو پاڻ کي انهن جي سطح تي نٿو آڻي سگهي ..... اها سطح جيڪا جهالت جي سطح آهي، اها سطح جيڪا قبائلي نظام جي پيداوار آهي، اهو پنهنجي ان بلند ۽ متاهين منزل کان ايتري قدر هيٺ نٿو لهي سگهي تہ ..... انهن سان گڏ نظر اچي، اهي .... خود خواهشن ۾ لڳا پيا آهن ..... اهي جيڪي قرلت کي ايمان بڻايون پيا آهن، اهي جيڪي دنيا ۾ غرق ٿيندا پيا وڃن. اهو پاڻ کي ان سطح تي هرگز نٿو آڻي سگهي ..... جتي رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو نالو ونڻ وارا نظر اچي رهيا آهن ..... انهيءَ ڪري اهو تنها ۽ اڪيلو آهي.....

مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام اهڙي طرح اڪيلائي محسوس ڪري رهيا آهن جيئن انساني لڏو اڪيلائي محسوس ڪندو آهي، جهڙي طرح مختلف نظرين ۾ ان کي بيان ڪيو ويو آهي. مان جيڪو چئي رهيو آهيان ان احساسِ تنهائي جي باري ۾ جيڪڏهن سمورا مذهب نہ تہ اڪثر مذهب ان جا معتقد نظر ايندا. دين ۽ مذهب کان

بيگانو سارتر بہ اهو چوندي نظر اچي ٿو. اهو انسان کي هڪ الڳہ هڪڙي جدا مخلوقِ ماهيت ۽ بعد ۾ ان جو وجود..... سواءِ انسان جي..... چوتہ هتي ان کان ابتر معاملو آهي، پهريان ان جو وجود. بعد ۾ ماهيت. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ سارتر جيڪو خدا ۽ مذهبن تي ايمان نٿو رکي اهوبہ اهوئي چوي ٿو تہ انسان هڪڙو اهڙو عنصر آهي جيڪو پوري ڪائنات کان جدا آهي ۽ اجنبي ۽ بيگانو..... ۽ انسان حيوانيت ۽ خواهشن کان جيڪي ان جي فطرت سان مليل آهن. جيتري رفتار سان پري ٿيندو ويندو آهي تہ اهو اڪيلو ٿيندو ويندو آهي. ايستائين جو جڏهن اهو صرف انسان رهجي ويندو آهي نہ سيني کان الڳہ سيني کان جدا ..... ۽ مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام هڪڙا انسان مطلق آهن.....

مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام پوري تاريخ ۾ هڪڙي اهڙي شخصيت آهن جنهن ۾ مختلف بلڪ متضاد ڳالهيون گڏ ٿي ويون هيون. ڪڏهن اهو عام مزدور وانگر نظر اچي ٿو جو پنهنجن هٿن سان، پنهنجن ٻانهن سان مٽي گُڏي رهيا آهن. تپش ٿئي ٿي ساريندڙاُس آهي مگر اهي ڪم ۾ مشغول آهن ۽ وري ڪڏهن فلاسافر جي روپ ۾ سوچيندي نظر اچن ٿا ..... ڪڏهن پنهنجي خالق جي ياد ۾ ڪنهن پهتل عارف وانگر معرفت جي درياء ۾ غوطا هڻي رهيا آهن ..... تہ ڪڏهن بهادر جنگجو وانگرتلوار ڪڻي ميدان ۾ ٽپي پون ٿا ..... ڪڏهن هڪڙي سياستدان وانگر ملڪ ۽ قوم جي رهنمائي ڪندي نظر اچن ٿا ..... اتي پِي بہ آهن ..... ۽ وفادار دوست بہ آهن ..... بي مثال مڙس بہ آهن ..... پوءِ اهڙن ڪمالن واري انسان ايتري بلند سطح واري شخصيت کي اهڙن ڪريل فطرت انسانن جي وچ ۾ اجنبيت بہ محسوس ڪرڻ گهرجي.

هڪڙو اهڙو انسان ..... پنهنجي معاشري ۾ ..... پنهنجن انهن ساٿين جي وچ ۾ جيڪي عرصي تائين ان سان گڏ جنگ جي ميدان ۾ رهيا ..... اهي ساٿي جيڪي بظاهر هڪڙي ئي مقصد جي لاءِ ڪوشان هيا ..... اهي ساٿي جيڪي ان ئي پيغمبر صلي الله تعالىٰ عليہ وآلہ وسلم تي ايمان رکن ٿا جن تي اهو ليڪن جن اعتقاد ۽ ايمان جي منزل تي پهچي ڪري بہ پنهنجي پراڻي روايت کي ڪونہ وساريو آهي. رسول الله

صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اخلاص سان گڏوگڏ پنهنجي قبائلي زندگي کي ذهن مان هٽائي ڪونہ سگهيا آهن. پنهنجين خود خوابين کان الڳ ڪونہ ٿي سگهيا آهن. پوئين زندگي ۾ ان جي اثرن کي پوري طرح ختم ڪري ڏڪونہ سگهياآهن ۽ مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام وانگر مطلق خلوص ۽ قرباني واري منزل تائين ڪونہ پهچي سگهيا آهن.

مولاءِ ڪائنات عليہ السلام پنهنجن انهن ئي ساٿين جي وچ ۾ اجنبي آهن ..... اڪيلا آهن. مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام پيغمبرِ اسلام صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مائٽ هجڻ جي ڏوهہ ۾ قاتل آهن ڇوتہ قبائلي عربن جي معاشري ۾ اسلام کان وڌيڪ قبيلي جي اهميت آهي. اڄا اهو معاشرو ان ڳالهہ کي برداشت نٿو ڪري سگهي تہ پيغمبر بہ "بنوهاشم" مان ۽ ان جو جانشين بہ. ائين تہ بنوتميم، بنوعدي ۽ بنوزهره ڪٿان جا ڪونہ رهندا، بلڪ آهستي آهستي تميم، عدي ۽ زهره سيئي مٽجي ويندا.

ان اهم نقطي کي ڪوئي تاريخدان يا سماجيات جو ماهر سمجهي نٿو سگهي، انهي ڪري مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام جي اڪيلائي جو سبب ان جي پيغمبرِ اسلام سان مائٽي بہ آهي. جيڪڏهن اهي ان جي خاندان مان نہ هجن هاتہ شايد ايتري مخالفت نہ هجي ها ..... هي اها شخصيت آهي جنهن کي مديني جي معاشري سان ڪوئي ربط ڪونہ هيو ..... ليڪن حق جي لاءِ جيڪي مقابلا ڪيا ويا هيا..... تڪليفون ڪيون هيون ..... ڏک ۽ مصيبتون سٺيون هيون ..... اڄ اهائي تلوار اهي لڙايون، اهي مقابلا ان کي سيني کان جدا ڪرڻ تي سندرو ٻڌيون بيٺا آهن. انهيءَ ڪري اڄ بہ مديني ۾ اڪيلا آهن ۽ ان کان بہ وڏي مصيبت ۽ تڪليف واري اها ڳالهہ آهي تہ مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام خود پنهنجي چاهڻ وارن جي وچ ۾ اڪيلا آهن. پنهنجي ان قوم جي وچ ۾ جنهن کي ان پوري محبت، الفت، تاريخ، تعليم سڀ انهن جي حوالي ڪري ڇڏي آهي. ان قوم ۾ علي عليہ السلام اڪيلا آهن ڇوتہ ان کي عظيم شخصيت سمجهي هڪڙي زبردست رهبر وانگر ان جي پوڄا ڪن ٿا، ليڪن ..... اهو ڪونہ ٿا ڄاڻن تہ اهي ڪير آهن؟ ..... ان جو غم ڇا آهي؟ ..... اهي ڇوڻ ڇاڻا گهرن؟ ان جي ماٺ ڇاجي لاءِ آهي.....؟

اسان جي ٻولي ۾ اڄا تائين ان "نهج البلاغہ" جو وجود ڪونهي جنهن کي عام طور تي ماڻهو پڙهن ..... اڪيلائي ان کان علاوه ٻي کهڙي آهي؟ ..... اڄ توهان کي معمولي کان معمولي ليکڪن جا اهي ڪتاب جن جي ڪائي حيثيت ڪانهي، هر جاءِ تي ملي ويندا. پر افسوس مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام جو اهو عظيم ڪتاب جنهن کي هزار سال گذري ويا، اڄ تائين هٿن جي زينت بڻجي ڪونہ سگهيو دماغن تي ڇانئجي ڪونہ سگهيو. ذهنن ۾ ويهي نہ سگهيو. اڄا تائين اها قوم جنهن مڪمل طور تي پاڻ کي علي عليہ السلام جو پرستار ڪري ڇڏيو آهي، جنهن جي رت جو هڪڙو هڪڙو ڦڙو ان جي رستي ۾ وهڻ جي لاءِ تڙپي رهيو آهي، اهائي قوم ان جي ڳالهين کان واقف ڪونهي. ان جي ڳالهين کان اڻ ڄاڻ آهي. اهوئي سبب آهي تہ اڄ مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام جي ايتري مدح ۽ تعريف جي باوجود اڻ ڄاڻ آهيون. مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام کي ٻن نمونن جون تڪليفون برداشت ڪرڻيون پيون، هڪڙو اهو زخم جيڪو پاڻ پنهنجي شهر ۾ ابن ملجم جي تلوار سان سٺائون ۽ ٻيو اهو زخم جيڪو ڪين اونداهي رات ۾ آبادي کان پري وڻي وڃي ٿو صحرائن ۾ وڻي وڃي ٿو ..... ۽ ڳوڙها ڳاڙڻ تي مجبور ڪري ٿو. ليڪن اسان ..... صرف ان زخم تي ڳوڙها ڳاڙيون ٿا جيڪو ابن ملجم جي تلوار سان پهتو هيو جڏهن تہ اهو اصل ۾ مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام جي لاءِ زخم ڪونهي (ان کي تہ اهي مرڪندي سهي ويا) زخم تہ اهو آهي جنهن ان کي ڳوڙها ڳاڙڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو جنهن ان کي معاشري کان پري ڪري ڇڏيو ۽ اها ان جي اڪيلائي آهي جو اسان ان کي سڃاڻي ڪونہ سگهياسين. ان جي ڳالهين تي غور ڪونہ ڪري سگهياسين. اڇوتہ هاڻي ان زخم ۽ اڪيلائي کي سمجهون. ليڪن افسوس تہ تلوار جي زخم کي مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام محسوس ڪونہ ڪيو ..... ۽ ..... اسان ..... اسان وري مولاءِ ڪائنات علي عليہ السلام جي اڪيلائي جي ان زخم کي محسوس ڪونہ ٿا ڪريون.

## سنڌيڪار جا ايندڙ ڪتاب

= = = = = = =

1. قرآن شريف جو سنڌي ترجمو
موجوده سنڌي جملي جي سٽاءُ موجب ترتيب

..........

2. انوارِ زهرا سلام لله تعاليٰ عليها
اصل فارسي. اردو تان ترجمو

..........

## سنڌيڪار جا اڳ ڇپيل ڪتاب

= = = = = = = = = = =

1. ستارن ۾ لڪيل. سوڪي جي ڪهاڻي.
(رٽن ان دَ اسٽارس. دَ اسٽوري آف سوڪي.)

...............

2. ڪربلا جي بهادر عورت
(حضرت زينب سلام الله تعاليٰ عليها)

...............

3. سيرت حضرت علي المرتضيٰ عليہ السلام

...............

4. حضرت محمدؐ صلى الله عليه وآله وسلم
جو آفاقي پيغام

............

5. رڻ سڄوئي رت ڦڙا
(ميدانِ ڪربلا)

..........

6. هاشمين جو چنڊ
(غازي علمدار عباس عليہ السلام)

...............

7. اسلام جي تاريخ
(دي اسپرٽ آف اسلام)

............

8. شان حضور
صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم

. . . . . . . . . . . . .

9. پيرِ ڪامل
صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم
.............

10. خدا جي تاريخ
(اَ هسٽري آف گاڊ)
...........

11. ايمان اِميد ۽ محبت
............

12. فُتوح الغيب
..........

13. فاطمہ فاطمہ آهي.
..........

14. انساني ضمير جو آواز
(امام علي عليہ السلام)
...........

15. محسنِ انسانيت
لي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم
...............

1. حضرت خديجہ رضہ
پهرين مسلمان ۽
اگر پيغمبر محمد ﷺ جي پهرين گهرواري



Sahil Printers Hyd: 0333-2634650